ڊاڪٽر احسان الحق (احسان دانش)

# ميين شاهه عنات جي ڪلام ۾ فڪري ۽ موضوعاتي وسعت ۽ جدت


***Abstract:***

**Vast and Modern Aspects of Thought and Subject of the Poetry of Miyo'n Shah Inaat**

*Shah Inaat was a poet who broke the shackles of traditional form poetry of his age. His poetic tradition is unique and far ahead of his predecessors. His poetry indicates many innovations from the thought and subject point of view. He was an innovator and intellectual leader of his era. Shah Inaat used in his poetry the diction that fulfills from generation to generation the emotional and scholarly needs of everyday life of Sindhi society. He applied the alliterative and rhythmic qualities present in the essence of his selected diction. He raised the old folk poetry and traditional narrative of war stories to the level of the classical tradition of art, skill and thought.*

*Shah Inaat Rizvi gave Sindhi language a complete Risalo consisting of twenty-two Surs (Melodies). His name is prominent in classical Sindhi poetry because he established as a pioneer of many artistic and intellectual traditions. In this research article, I have tried to unfold and detect vastness and modernity of thought and subject in his poetry.*


***Key words:*** *modern, innovation, essence, diction, art, intellectual .*

**سنڌي** ڪلاسيڪي شاعريءَ جي جهان ۾ جهاتي پائڻ سان معلوم ٿيندو تہ اها هڪ وڏي عرصي تائين موضوعاتي، فڪري ۽ تخليقي لحاظ کان محدود ۽ يڪ رنگيءَ جو شڪار رهي. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ تي صدين تائين تصوف، توحيد، طريقت، هدايت، حقيقت، اخلاقيات ۽ روحانيت جو رنگ ڇانيل نظر اچي ٿو. طويل عرصي تائين سنڌي شاعريءَ ۾ فقهي ۽ شرعي مسئلن جي اپٽار ۽ مذهبي معاملن جي پچار نظر اچي ٿي. ڪن شاعرن، رومانوي داستانن جي اوٽ تہ ڪن جوڳين ۽ سنياسين جي معرفت صوفي فڪر ۽ شعور جو ڦهلاءُ ڪيو، پر سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾





ڪي شاعر اهڙا بہ آهن، جن سنڌي شاعريءَ ۾ مروج فڪري لاڙن سان ڳنڍ ڪن نين روايتن ۽ فڪري رجحانن جو رواج وڌو، ان حوالي سان ميين شاهه عنات رضويءَ جو نالو نهايت اهميت جو حامل آهي. شاهه عنات پنهنجي دور جو هڪ روايت شڪن شاعر هو ۽ هن جي شعري روايت فڪري ۽ تخليقي طور پنهنجي پيش رو شاعرن کان بنهہ نرالي ۽ اڳتي آهي. اهڙيءَ طرح موضوعاتي طور بہ هن جي شاعريءَ ۾ ڪوڙ ساريون نيون جهتون نظر اچن ٿيون، جن مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل ناهي تہ هو پنهنجي دور جو هڪ نواڻ پسند شاعر ۽ فڪري رهنما هو.

ميين عنات جي ڪلام ۾ رڳو تصوف ۽ وحدانيت جا ويچار موجود ناهن، پر هو مجازي عشق ۽ حسن جي ڳالهہ بہ وڏي واڪي ڪري ٿو. مثلاً سندس رسالي جي سرود ڪنپات جا هي بيت ڏسو:

تــارا او تــارا، وَنِـيُـون وِڇـاڙـو پِـريـنِ جـو
سـپـِئِـي اگـڻ آئـيـا، ڄـي ڄـِيَ جـا جـيـارا
پَسِـــي پـــيـارا، اڪـيـنِ آســون پُـنِـيـون.
(سُرود ڪنپات، فصل ١، بيت ١، ص:٩٨ ب)

چـنـڊَ! تـهـنـجا ويـڻَ، مـونـڪـي آهِـيـنِ مَـنَ ۾،
الله لـڳ عـنـاتُ چـئـي، اِنَ نِـيـاپـي نـيـڻَ،
سـوپـرائِـي سـيـڻَ، ڏسـي تـون ڏيـڪـار مـون.
(سُرود ڪنپات، فصل ١، بيت ٨، ص: ١٠١ ب)

اها موضوعاتي ۽ فڪري تبديلي ميين شاهه عنات کي ڪانئس اڳ وارن شاعرن کان مختلف ۽ منفرد بڻائي ٿي. هن وٽ محبوب جو تصور ان مجسم وجود سان آهي، جنهن کي اکين سان پَسي سگهجي، جنهن جي حسن ۽ جمال سان نيڻ ٺاري سگهجن ۽ جنهن جو وجود هن ڪائنات جي سونهن جو دليل لڳي. جيڪي جيءَ جيارا اڳڻ پير ڏرين تہ اوسيئڙي ۾ پٽرائجي ويل اکين جون آسون پوريون ٿي پون.

اهڙيءَ طرح شاهه عنات سُر جمن ۾ وري محبوب کي ئي حقيقي معالج ڄاڻائي چوي ٿو تہ نيم حڪيمن جي اڳيان پنهنجي اندر جو درد ظاهر نہ ڪرڻ کپي، ڇوتہ اهو سور حبيبن جي هٿان ئي لهندو:

رَهِين پاسِ پِريَنِ، تہ ڪوهُ طَبِيبَ طَلبئِين
اَنــدَرِ جا، عِـنـاتُ چئـي، ڏِيـڪـارِ مَ ڏُکَنِ،
هـتـئـون حَـبِـيـبـنِ، دِلِ جـو درد دفـع ٿِـئـي.
(سُرود جمن، فصل ١، بيت ٦، ص:٩٣ ب)

پرينءَ سان درد جو رشتو هجڻ ۽ محبوب کي درد جو دافع ڄاڻائڻ مان، محبت جي ان نازڪ سُبنڌ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو، جيڪو احساس جي تند سان اٽيل هوندو آهي. اهڙي نازڪ خيالي ۽ فڪري نواڻ جا شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ ڪيئي مثال ملن ٿا. جيئن:

پـيـالـي پِـريَـنِ جـي، مـونـڪـي پُـر ڪـيـو
سـاقـي! ان شـرابَ مـان، پـري ڏي ٻـيـو
گـهـمـان مسـت ٿـيـو، اڳـيـان دَرِ دوسـت جـي.
(سُرود جمن، فصل ٢، بيت ٢، ص:٩٥ ب)

پرينءَ جي پيالي سان پُر ٿيل عاشق جلد ئي پياس جي رڻ ۾ پٽڪندو رهندو آهي ۽ ساقيءَ کان ور ور پيو گهرندو آهي، ڇوتہ پرينءَ اڳيان مست ٿي گهمڻ لاءِ مڌ جي چُسڪي جو چڪندو رهڻ اڻ ٽر آهي. ظاهري طور شراب غفلت ۾ غلطان ڪري ٿو، پر عشق جي مئي چکڻ سان ماڻهو هوشمند ٿي وڃي ٿو ۽ پرينءَ کي پسي عجيب ڪيفيتن جي سمنڊ ۾ غرق ٿي وڃي ٿو. ميين شاهه عنات کي سَري جي ان سرور جو پتو هو، ان مدهوشيءَ جي هوش جي خبر هئي، تڏهن ئي تہ چيائين:

پـرينءَ جـو پـياريـو، تـنـهـن پـيالـيءَ پُـر ڪِـئـو،
سِـڪَ مـنـجـهـان سُـپـريـن، پـري ڏِنـئـون ٻـئـو،
مـنُ مسـت ٿـئـو، مـحـبـوبـن مـيـخـانـي ۾.
(سُر جمن، داستان ٢، بيت٦، ص: ١٦ ض)

اهو محبوب، جنهن کي ڏسندي من مست ٿي وڃي، شاهه عنات تنهن جي حسن ۽ جمال جا نغما بہ خوب ڳايا آهن، اهو هن جي شاعريءَ جو جمالياتي پاسو آهي، جنهن کي خاص طور سُر جمن ۽ سُر مومل راڻي ۾ پَسي سگهجي ٿو. ميين شاهه عنات جي شاعريءَ جو اهو جمالياتي فڪر پسڻ لاءِ هتي رڳو سندس بہ بيت لکجن ٿا:





سِـجُ سُـيـاڻِـي جـا ڪـري، تـهـڙي لالائِـي لِڳَـنِ
پَـلَـڪ پِـريـان جـي نـہ پـاڙيـان، چـنـڊُ ايُ سـيـن تـارنِ
شـمـسُ سَـهـائـي اڳـرو، مُـنـهـن ۾ مـحـبـوبَـنِ
ڪـئـيـن قـنـديـلَـنِ اڳـري، پـيـشـانِـي پِـريَـنِ
هِيُ جو جُلوو جوت سندينِ، تِنهن تان ڪوڙين قربانيون ڪريان.
(سُرود ڪنيات، فصل ١، بيت ١٣، ص: ١٠٤ ب)

گُـلـبـدن جـون گُـجـريـون، اَرمَ اوڊيـائـون
چوٽا تـپـل قُلِيلَ سپـن، واسـيـنـگ ويڙهيائون،
مُـشـڪ مـحـبـت پـاڻ ۾، لِـڳـپـن لايـائـون،
ڪـوڏان پُـوتـائـون ڪَـچُـئـان، سـپـلا سَـنِـڌيـائُـون،
اِهـڙيَ پـر عِـنـاتُ چـئـي، راڻـو رانـيـائُـون،
سَو موٽي ڪينءَ پاهُون، جو وَڃي ڪاڪِ قَرارِئو.
(سُرود مومل راڻو، فصل ١، بيت ١، ص: ٢٢٦ ب)

علم الانسان ۽ تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيندڙ غير معمولي انسان پنهنجي ٻال وهيءَ کان ئي ٻين کان مختلف ۽ منفرد هوندا آهن. هو جنهن سماج ۽ ماحول ۾ رهندا آهن، ان کي بہ جيئن جو تيئن نہ قبوليندا آهن، اهي پنهنجو ڌار رند ۽ پنڌ وٺندا آهن. ميين شاهه عنات جي زندگيءَ جي مطالعي مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هو شروع کان وٺي هڪ منفرد انسان هو. هن پنهنجي خانداني ريتن، رسمن، مذهبي، روحاني ۽ سماجي ٻنڌڻن جي پرواهه ڪرڻ بنا سدائين اهو ئي ڪيو، جنهن ۾ سندس مَنَ کي قرار پئي آيو. ڊاڪٽر بلوچ سندس ٻالڪپڻي تي روشني وجهندي لکيو آهي تہ: ”شاهه عنات ننڍي هوندي قدري خود خيال ۽ رسمي پائبندين کان آزاد هو. ڪيس راڳ ٻڌڻ جو شوق هو ۽ هو آزاديءَ سان عام ڪچهرين ۾ اٿڻ ويهڻ لڳو. شروع ۾ وڏي پاءُ ميين احمد شاهه ڪيس منع ڪئي، پر آخر بيوس ٿي پنهنجو پاڻ پليائين. مقامي طور کي لنگها ڳائيندڙ هئا جن وٽ شاهه عنات گهڻو اچڻ وڃڻ لڳو.“[1] ان ڳالهه مان ظاهر آهي تہ شاهه عنات منڍ کان وٺي شعر ۽ موسيقيءَ ڏانهن راغب هو۽ سادات گهراڻي سان تعلق هجڻ باوجود لنگهن سان ويهڻ ۾ ڪو عيب محسوس نہ ڪندو هو. ان طرح اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي تہ هن کي ان دور ۾ بہ طبقاتي سماج ۽ ڪلاس

سستم واري سوچ قبول نه هئي.

ميين شاهه عنات جي شاعري ڳاهن جي ڳالهين کان اڳتي، پَٽَن ۽ پانن جي لوڪ رنگ ۽ رزميي جي راهن کان هٽيل، گنان جي گفتن کان مختلف ۽ منفرد ٿي ياسي. ڊاڪٽر اسحاق سميجي صحيح لکيو آهي ته: "ميين عنات سنڌي سماج جي عوامي زندگيءَ جون نسل در نسل جذباتي ۽ ذهني ضرورتون پوريون ڪندڙ لغت ۽ لفظيات کي شعر لاءِ ڪتب آندو ۽ انهن جي روح ۾ موجود ترنم ۽ تجنيسي قوتن کي ڪتب آندو...... ميين شاهه عنات قديم شاعريءَ کي لوڪ، رزميه، قصي گو روايت مان ڪڍي، فني ۽ فڪري سطح تي هڪ نئين ۽ ڪلاسيڪل روايت جي درجي تي پهچايو..... موضوعي سطح تي به سنڌي شعر لاءِ نوان گسَ ميين عنات ئي ڳولي لڌا ۽ ان جي گُنل پينل عنوانن ۽ روايتي مذهبي معاملات مان جان آجي ڪرائي، ان کي زندگي ۽ سماج جي ويجهو وٺي آيو."(۲)

شاهه عنات رضوي ۲۲ سُرن تي مشتمل مڪمل رسالو ڏنو. جنهن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سوڌي ۽ سنواري پهريون ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ۱۹۶۳ع ۾ ڇپايو ۽ ان جو ٻيو ڇاپو ۲۰۱۰ع ۾ ساڳي اداري طرفان شايع ٿيو. اهو رسالو 'ميين شاهه عنات جو ڪلام' جي عنوان سان ڇپيو، جنهن ۾ شاهه عنات جي ڪلام سان گڏ سندس پُٽن ۽ پوٽن جو ڪلام به شامل هو، جنهن کي حاشين ۾ ڏنو ويو آهي. تازو ئي ۲۰۱۹ع ۾ شاهه عنات جو سڄو سارو مڪمل رسالو 'ميين شاهه عنات جو رسالو' جي عنوان سان حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن طرفان شايع ٿيو آهي ۽ سيد ضيا عباس شاهه ان کي نئين سر واڌارن ۽ سڌارن سان ترتيب ڏنو آهي.

شاهه عنات کان اڳ قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري ۽ ٻين شاعرن وٽ سنڌ جي عام قصن ۽ داستانن جي حوالي سان ڪجهه مخصوص ڪردار نظر اچن ٿا، جن ۾ سسئي پنهون، عمر مارئي، ليلان چنيسر، مومل راڻو، سهڻي ميهار، مورڙو، ڪاهوڙي ۽ جوڳي وغيره شامل آهن، پر شاهه عنات سنڌي اساسي شاعريءَ جي مالها جو اهڙو موتي آهي، جنهن مذڪوره قصن کان علاوه پهريون ڀيرو سنڌي داستانن راءِ ڏياچ ۽ مگٽي، نوري ۽ ڄام تماچي، لاکي ۽ ريبارين، ابڙي ۽ سامن تي پنهنجو ڪلام چيو ۽ وڻجارن، جوڳين، سامين، پوربين، ڪاپائتين، توڙي جڪري جهڙن سخين





کي به خوب ڳايو. انهن مان ڪجهه اهم ڪردارن کي ڀٽائيءَ به پنهنجي شاعريءَ ۾ خاص اهميت ڏني آهي، تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته: "شاهه عنات رضوي، سنڌي اساسي شاعري ۾ هڪ نواڻ پسند شاعر آهي. جنهن پنهنجي دور ۾ ان کان اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ مروج لوڪ قصن سان گڏ و گڏ مذڪوره نون قصن کي پهريون ڀيرو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳايو آهي ۽ انهن قصن جي اوٽ ۾ هن پنهنجي دور جي سماجي قدرن ۽ حالتن کي ظاهر ڪيو آهي. جيتوڻيڪ هن پنهنجن اڳين شاعرن جي فڪري تقليد به ڪئي آهي، پر سندس شاعريءَ ۾ ڪيئي نوان نڪور موضوع ۽ مضمون به نظر اچن ٿا."(۳)

شاهه عنات جو نالو ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ ان ڪري ئي نهايت اهم ۽ نمايان آهي، جو هن سنڌي شاعريءَ ۾ ڪوڙ سارين فني ۽ فڪري روايتن کي جنم ڏنو ۽ اهي پهريون ڀيرو سنڌي شاعريءَ ۾ وارد ٿيون. هن پهريون ڀيرو سُر وار مڪمل رسالو ترتيب ڏنو، جيڪو الڳ الڳ داستانن تي مشتمل هو. هن وائيءَ جي صنف کي ادبي معيار عطا ڪيو ۽ وائي لکندڙ پهريون شاعر بڻيو، هن سڀيون ساريون ۴۲ وايون سرجيون.* ان طرح مدح ۽ مولود جا ابتدائي آثار به شاهه عنات جي ڪلام ۾ ئي ملن ٿا. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ مجازي عشق ۽ حسن جا موضوع آڻي، سنڌي شاعريءَ ۾ موضوعي رنگيني ۽ نواڻ آندي ۽ علامتن ۽ اهڃاڻن وسيلي شاعريءَ ۾ سماجي فڪر کي به اوتيو. ان طرح بيت جي فن ۽ هيئت جي حوالي سان تجربا ڪيا ۽ گهڻ ستا بيت لکي، ان جي دائري کي وڌايو ۽ ائين ڪلاسيڪي شاعريءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو. شاهه عنات پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌ جي رومانوي ۽ نيم تاريخي داستانن جي حوالي سان سڄا سارا سُر لکي، انهن جي اهميت اجاگر ڪئي ۽ ان طرح شاهه لطيف سميت پاڻ کان پوءِ ايندڙ شاعرن لاءِ ميدان هموار ڪيو. هو پهريون شاعر هو، جنهن پنهنجي شاعريءَ کي موسيقيءَ جي مجيل سُرن تحت ترتيب ڏنو ۽ ڪلياڻ، ڪنيات، رامڪلي،

* حاشيه:

۱. جيتوڻيڪ وائي، واٽي (ٻنهي لفظن جي معنيٰ ساڳي آهي.) عنوان سان دادو ديال وٽ ملي ٿي ۽ محققن، دادو ديال کي وائيءَ جو پهريون شاعر سڏيو آهي، پر تعداد جي لحاظ کان وايون شاهه عنات وٽ وڌيڪ آهن، ان ڪري ڪيس وائيءَ جو پهريون شاعر سڏيو ويو آهي.

۲. مدح جو موضوع، شاهه عنات کان اڳ به ملي ٿو. (ايڊيٽر)

پرياتي، ڏناسري، پورب، سورٺ، سارنگ ۽ ڪاموڏ جي شڪل ۾ راڳ ۽ راڳڻين کي سموهي پيش ڪيو. هن جي ڪلام جي ٻولي ۾ نج سنڌي استعمال ٿيل آهي ۽ نج نبار لفظ ۽ محاورا نظر اچن ٿا. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي استعارا توڙي تجنيسون، تلميحون ۽ تمثيلون ڪتب آنديون، سي ڪانئس اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ اڻ لڀ هيون. ”هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي شاهوڪاري، ڳنڀيرتا، سادگي ۽ تجسس جي ڪري روانيءَ ۽ رنگينيءَ ۾ ڪمال ڪيو آهي. خيال بنهه ڳوڙها ۽ آفاقي فڪر هوندي به ٻوليءَ جي ايتري ته سادگي آهي جو سندس شاعريءَ کي عام ماڻهو به آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو.“(۴)

شاهه عنات رضويءَ جي سموري شاعري ڪيترين ئي فني ۽ فڪري ندرتن ۽ حسناڪين سان ڀريل آهي. ”شاهه عنايت پهريون شاعر آهي، جنهن جوڳين، ڪاپڙين، آديسين، سامين ۽ سناسين کي تفصيل سان ڳايو آهي. ’سيتپري‘ ۽ ’مهيسري‘ فرقن جا پهريون دفعو اهڃاڻ ڏنا اٿس، سندن تيرٿن ۽ هنگلاج جو ذڪر ڪيو اٿس، ۽ گورکناٿ ۽ ويرناٿ جهڙن مها جوڳين جا نالا ڪنيا اٿس.“(۵) ڊاڪٽر بلوچ موجب: ”شاهه عنايت پهريون شاعر آهي، جنهن مارن جي زندگي ۽ ٿر ۾ سندن ماڳن ۽ ٽڙن ۽ گاهن گلزارين کي نهايت ئي تفصيل سان بيان ڪيو آهي..... شاهه عنات پنهنجي رسالي جي سُر ڏناسري ۾ پهريون ڀيرو سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر جي صوفي درويشن ۽ ولين جا نالا ڪٽي ڪين ساراهيو آهي. هُنَ سُر جيتسريءَ تي پهريون ڀيرو ڪلام رچيو، پورب پار کان ايندڙ پوربين جي ذڪر سان گڏ قاصد ۽ ڪانگ جو پهريون ڀيرو سنڌي شاعريءَ ۾ تفصيلي ذڪر آندو ۽ ائين ئي ڪاپائتي جي مضمون کي به وضاحت سان بيان ڪيو آهي....ساڳي طرح شاهه عنايت پهريون شاعر آهي جنهن لاکي ۽ راءِ ڪنگهار بابت بيت چيو آهي.“(٦) عورت جي سونهن ۽ سوڀيا جي بيان جي حوالي سان شاهه عنات جي شاعري بنيادي حيثيت رکي ٿي، ان طرح ڪنهن شاعر پهريون ڀيرو پنهنجي ڪلام ۾ عورت جي حسن ۽ جمال کي دل کولي بيان ڪيو آهي ۽ ان طرح شاهه عنات مجازي رومانوي شاعريءَ جو به بنياد وڌو آهي. ڊاڪٽر بلوچ مطابق: ”ميون شاهه عنات غالباً پهريون شاعر آهي، جنهن مگڻي ۽ راءِ ڏياچ جي قصي کي پنهنجي بيتن ۾ ڪافي تفصيل سان ڳايو آهي.“(٧) ”سارنگ جي سُر ۾ ’سجڻن ۾ مينهن‘ جي سرهائي واري مضمون جو غالباً ميون شاهه عنات موجد ۽ باني مباني آهي.“(٨) ”سنڌي شاعريءَ ۾





سهڻيءَ بابت پهريون بيت قاضي قادن جو مِلي ٿو.... پر ميون شاهه عنات غالباً پهريون شاعر آهي، جنهن سهڻيءَ کي ايترو گهڻو ڳايو آهي.“(٩) هن پنهنجي رسالي جي سُر ڪاريئڙي ۾ پهريون ڀيرو هنج کي اهم علامت ۽ اعليٰ اهڃاڻ طور پيش ڪيو آهي.

اهي ايڏيون ساريون ڳالهيون ۽ فڪري رجحان جيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ پهريون ڀيرو رواج ۾ آيا، انهن جو ڪريڊٽ ميين شاهه عنات ڏانهن وڃي ٿو، ان طرح اسان چئي سگهون ٿا ته هو سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو هڪ اهڙو اهم شاعر هو، جنهن تمام گهڻين روايتن جا بنياد رکيا، جن کي بعد وارن شاعرن اڳتي وڌايو. خاص طور شاهه لطيف جي شاعريءَ تي هن جي ڪلام جا فڪري اثر گهرا نظر اچن ٿا. جنهن جا ڪوڙ سارا مثال آهن. شاهه لطيف، ميين شاهه عنات کان عمر جي لحاظ کان ته گهٽو ننڍو هو، پر يقيني طور هو ٻئي هم عصر شاعر هئا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته: ”شاهه ڪريم وفات ڪئي (١٠٣٠هه) ته ميون شاهه عنات ڄائو، ۽ ميين شاهه عنات وفات ڪئي (١١٢٠ - ١١٢٥هه) ته ڀٽائي صاحب جوان ٿيو، سنڌي شاعريءَ جي ارتقا جي سلسلي ۾، ميون شاهه عنات ڄڻ شاهه ڪريم ۽ ڀٽائي صاحب جي وچ واري عرصي جي تقاضا پوري ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو ۽ سنڌي شاعريءَ جي مقدار توڙي اقدار جي لحاظ سان هو اُنهيءَ وچ واري دور جو نامور اڳواڻ ۽ علمبردار شاعر هو.“(١٠) موتي لعل جوتواڻيءَ مطابق: ”لطيف جڏهن ١٣، ١۴ سالن جو ٿيو ته سندس اٿڻ ويهڻ هالا حويلي کان ٻاهر به ٿيڻ لڳو، انهيءَ عمر ۾ سندس ويجها تعلقات شاهه عنات رضوي سان نظر اچن ٿا. اهي تعلقات ميين شاهه عنات رضوي جي وفات (١٧١٢ع) تائين قائم رهيا.“(١١) ڊاڪٽر سڏايي پنهنجي ٿيسز ۾ لکيو آهي ته: ”لطيف سائين جڏهن به حويليءَ ۾ پريشان ٿيندو هو ۽ سندس اندر ۾ سوچ ۽ فڪر جو دونهون وڌيڪ جمع ٿيندو هو ته ان سوز ۽ درد کي مٽائڻ لاءِ، شاهه عنات جي اوتاري هليو ايندو هو.“(١٢)

انهن شاهدين مان اهو معلوم ڪرڻ ڏکيو ناهي ته شاهه لطيف ۽ ميين شاهه عنات جي هڪ ٻئي سان ڪيتري صحبت ۽ سُبنڌ هو. ايترو ئي نه پر شاهه لطيف جي شاعريءَ تي به هن جي ڪلام جي گهري ڇاپ نظر اچي ٿي، جنهن جا چٽا چوکا ثبوت شاهه جي رسالي ۾ موجود آهن. ڊاڪٽر بلوچ مطابق: ”ميين شاهه عنات قالب گهڙيا ته ڀٽائي صاحب اهي سوڌي سنواري پريا، ميين شاهه عنات ديوارون کنيون ته ڀٽائي صاحب عمارتون اڏيون، ۽ ميين شاهه عنات صورتون ايجاد ڪيون، ته ڀٽائي صاحب اهي

روح ڦوڪي جاڳايون. ميون شاهه عنات جڻ ڀٽائي صاحب جي آمد لاءِ اڳواڻ بڻجي آيو ۽ اچي ميدان سنواريائين جنهن ۾ ڀٽائي صاحب پوءِ ڪؤنتل ڪڏايا.“[١٣]

اهي شعري روايتون جن جو مٿي ذڪر ڪري آياسين ۽ جن جي شاهه عنات پيڙهه وڌي، تن کي شاهه لطيف وڏيڪ شانائتي ۽ ڀرپور انداز ۾ اڳتي وڌايو ۽ ڪمال درجي تي پهچايو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته شاهه سائين سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي فني ۽ فڪري جهتن کي ڪشادگي بخشي ۽ معراج تي پُڄايو، پر ان ۾ بنيادي طور سندس جن پيش رو شاعرن جو هٿ رهيو تن ۾ بيشڪ ميين شاهه عنات کي وڏي اهميت ۽ وقعت حاصل آهي. شاهه عنات جو رسالو کولي وري شاهه جو ڪلام پڙهبو ته اسان کي انيڪ بيتن جا پد ۽ سٽون بلڪل ساڳيون نظر اينديون، ان حد تائين جو ڪٿي ڪٿي چند لفظن جي ڦير ڦار کان سواءِ سڄي جو سڄو بيت به ساڳيو ڀَسبو، جيڪا ڳالهه شعري صنعت تضمين جي ذمري ۾ اچي ٿي. اها فڪري هم آهنگي ٻنهي شاعرن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي بيهاري ٿي. مثال طور ڪجهه مصرعون ڏسو:

شاهه عنات:

اَلَسـتُ ارواحـنِ کـي جـڏهـن جـاڳـايـو جـبـارَ

(سُرود ڪلياڻ، فصل ٢، بيت ١، ص:٨٨ ب)

شاهه لطيف:

اَلَسَـتُ اُرواحَـنِ کـي جَـڏِهـن جـاڳـايـو جَـلِـيـلَ

(سُر سهڻي، ص: ٢٥٠، ش)

شاهه عنات:

ٻُـکِـي ڏيـنـدا ٻـاجـهَـه جـِي، نـهـارِي نـارُون

(سُرود جمن، فصل ١، بيت ٧، ص: ٩٤ ب)

شاهه لطيف:

ٻُـکِـي ڏِيـنـدَا ٻـاجَـهـه جِـي، آيـا سُـور ڏَٺِـي

(سُر يمَن ڪلياڻ، ص: ٣٣، ب)





شاهه عنات:

ڳُـٺِـيـن پـريـن رُنـامِ، اوڳـڻ رُسـي سَـپ ڪـو.

(سُرود پورب، فصل ٣، بيت ٣، ص: ٢٠٩ ب)

شاهه لطيف:

اَوڳُـڻِ رُسـي سَـپَ ڪـو، ڳُـٺـيـن پـِريـن رُنـامِ.

(سُر آسا، ص: ٢٥٧ ش)

رڳو انهن مصرعن ۾ ئي نه، پر ٻنهي شاعرن جي بيتن ۾ پيا به ڪوڙ سارا پد ساڳيا نظر اچن ٿا، جيئن ’الست ارواحن کي‘، ’سڪڻ ايءُ شرط‘، ’ٻُکي ڏيندا ٻاجهه جي‘، ’پيچ پني گهر آئيا‘، ’تون اچو ۾ رات‘، ’ٿوهي ۾ ٽاٽو‘، ’سيني سنگهر رُڪَ جي‘، ’وِڪَ وڌندي پاءِ‘، ’رات سهائي پون سنئين‘، ’ٻيڙي پُراڻي‘، ’قر قل قوٿا، پارچا‘، ’لُڙ لهرين لس ليٿ‘، ’مُلا معلم خبرون‘، ’واحد تن نه وسري‘، ’نانگا ننڊ نه ڪن‘، ’ڪِهِ اکين سين‘، ’پائر جو پنهوار‘، ’اوڳڻ رُسي سپ ڪو‘، ’ڳُٺين پرين رُنام‘، ’نندي وڏي ڳالهڙي‘، ’هم کي حقُ چوين‘، ’مون تي اکڙين‘، ’عشق نه ڪري اڏ‘، ’محبت پائي من‘، ’رندا روڙيا جن‘، ’ڪَتين نه ڪوڙي‘، ’چوڏهين ماهه چنڊ‘، ’ڪاهي آيا ڪاڪ تي‘، ’ڪنيزڪ ڪيچين جي‘، ’هلڻ سهان نه هوت جو‘، ’اي پَرُ ڪُپر هوءِ‘، ’هيڪلن حيلا‘، ’ڏونگر ڏيندئي ڏَسُ‘، ’پير ترندئي پبَ ۾‘، ’ڪانهي ويل ويهڻ جي‘، ’چوڏاري تو چاري‘، ’هارين هر سنپائيا‘، ’سرها ٿيا سنگهار‘، ’مونکي مينهن ميڙيا‘، ’سرهيون سنگهاريون ٿيون‘، ’مهاران مَهي‘، ’سانپاران ساهڙ جا‘، ’نا ته ڪُنن ۾ ڪير گهڙي‘ وغيره وغيره. ان کان علاوه ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ ٿوري لفظي يا اکري ڦير ڦار سان ٻين به ڪيترن ئي بيتن جا پَدَ هڪ جهڙا نظر اچن ٿا.

اهڙي فڪري يڪ رنگي ۽ ويجهڙائيءَ سبب ميين عنات جي ڪلام مان ڪنيل جن محاورن ۽ تشبيهن کي ڀٽائي پنهنجي ڪيميا جهڙي ڪلام ۾ ڪتب آندو، تن ڪيس هڪ خاص لهجو عطا ڪيو، پر شاهه لطيف، ميين شاهه عنات ۽ ڪانئس اڳ وارن ڪلاسيڪي شاعرن جي فڪر ۽ فن کي وسعت ڏئي نه رڳو مڪمل ڪيو، پر عروج تي به پهچايو ۽ سنڌي شاعريءَ تي اهڙي گهري ڇاپ ڇڏي جيڪا اڄ تائين قائم آهي ۽ صديون قائم رهڻي آهي، ڇوته ڀٽائي جو ڪلام ڪڏهن پئي پراڻو ٿيڻو ناهي. غلام

محمد گرامي درست لکيو آهي تہ: ”شاهہ جو روح آفرين اندازِ بيان توڙي دلنشين ۽ جاذبِ نگاهہ فڪر و فن تہ هر حال ۾ ميين عنات کان لک ڀيرا وڌيڪ عظيم آهي. شاهہ جي ان تنوع ۽ انفرادي حيثيت جو مثال نڪو شاهہ جي معاصرين ۾ پيدا ٿيو آهي ۽ نڪو شاهہ کان پوءِ ئي ڪٿي نظر اچي ٿو، حتاڪ اڄ تائين شاهہ جو فن سرفراز آهي، معنوي جامعيت جي لحاظ کان بہ شاعرانہ ڪمالات جي معيار کان بہ.“(١٤)

ميين شاهہ عنات جي ڪلام جو فڪري ۽ موضوعي مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن جو ڪلام تصوف جي رمزن جي اپٽار سان گڏ رومانيت ۽ جماليات سان جنجهہ آهي. ان ۾ گهري معنويت، وسعت ۽ سماجي شعور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ وطن دوستي، انسان دوستي، پورهئي جو قدر، پنهنجن حقن جي حصول لاءِ جدوجهد ۽ مزاحمت جهڙا ڪيئي موضوع ملن ٿا. هن پنهنجي ڪلام ۾ نہ رڳو سنڌ جي ماڳن مڪانن ۽ جاگرافيائي اهڃاڻن جي عڪس بندي ڪئي آهي، پر سنڌ جي مسڪين ۽ مجبور ماڻهن جي ڏکن جي تصوير بہ پيش ڪئي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ اسان کي ڌرتيءَ جو ڏک بہ نظر ايندو تہ سنڌ جي خوشحاليءَ جون تصويرون بہ ڏسڻ ۾ ايندين. رسالي جا سُر ڪولي ڏسبا تہ ڪي رومانوي ۽ نيم تاريخي قصن جي حوالي سان ترتيب ڏنل نظر ايندا. جهڙوڪ سُر مارئي، سُر ليلا، سُر مومل، سُر ديسي (سسئي)، سُر سورٺ، سُر توڏي (سهڻي) ۽ سُر ڪاموڏ (نوري). جن ستن ئي سورمين کي اڳتي هلي پٽائيءَ بہ شاندار نموني ڳايو. اهڙي طرح شاهہ عنات جي ڪلام ۾ ٻيا سُر اهڙا بہ آهن، جن ۾ الڳ الڳ موضوع سمايل آهن. جيئن سُر ڪلياڻ ۾ واحد جي واکاڻ، خدا کان خطائن جي معافي، طبيب ۽ دارون، عشق جي پُر پيالن ۽ صوفين جي اوصاف جهڙن موضوعن کي بيان ڪيو ويو آهي، تيئن وري سُر ڪنيات ۾ ميين عنات اسان کي چنڊ، ڪتين ۽ تارن جو ڏيهہ ڏيکاريو آهي، سچَ جي لالائي پسائي محبوب جي سينگار جون ڳالهيون ڪيون آهن، ڪرهن ۽ چانگن جي چارن ۽ چندن جو هڳاءُ پَسايو آهي. ’سُر سريراڳ‘ ۾ ساگر جي سوداگرن جا احوال ٻڌايا آهن، ساموندي سفر جون مشڪلاتون ۽ وڻجارن جي ونين جون آزيون هن سُر جو خاص موضوع آهن. ’سُر رامڪليءَ‘ ۾ جوڳين، ويراڳين ۽ سنياسين جي اڻانگي سفر جي ڪٺا ڪٽڻ سان گڏ سندن گُڻ ڳايا آهن. هنگلاج جي پنڌ جون مشڪلاتون پَسايون آهن، لاطمع ٿيڻ ۽ خوديءَ کي ختم ڪرڻ جا ڏَس ڏنا آهن.





سُر پرڀات ۾ ميين عنات ڏاتار ۽ مڱتي جي رشتي کي واضح ڪندي سپڙ ڄام جي سخا جي ثنا ڪئي آهي. ان طرح سُر ڌناسري وري مدح جو سُر آهي، جنهن ۾ ميين شاهہ عنات، مختلف بزرگن، پيرن ۽ ولين جي ساراهہ جا ڏُڪَ پريندي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. اهڙن بزرگن ۾ شيخ عبد القادر جيلاني، غوث بهاءُ الدين ذڪريا، محي الدين ابن العربي، شاهہ رڪن عالم، قائم دين، پاون شاهہ، شيخ ڪبير، قلندر شهباز، شيخ فريد جهانيان، شاهہ سخي پير، مخدوم محمد زمان، اويس قرني، لال لنجار، حيدر شاهہ سنائي، ابوبڪر هارون، بدر الدين، ميران شاهہ وغيره شامل آهن. سُر جيتسري ۽ سُر پورب ۾ قاصد ۽ ڪانگ جي ڪهاڻي آهي، جيءَ جياري جانب سان وصال جون خبرون آهن. سُر آسا ۾ پرين پَسڻ ۽ خود شناسيءَ جو سنيهو آهي، محبوب سان وصال ۽ فراق جا معاملا آهن، پڙهڻ ۽ پُرجهڻ جون ڳالهيون آهن. سُر ڪاپائتيءَ ۾ پورهئي جي اهميت اجاگر ٿيل آهي ۽ ڪاپائتين جي ڪرت ڏيکاري سجاڳيءَ جو سڏ ڏنو ويو آهي. سُر ڌهر ۾ ڪنڌي سان ڪچهري تہ آهي پر ان ۾ گهرو ميسيج آهي، هن سُر ۾ ميين عنات لاکي ۽ ريبارڻ جو بہ ذڪر آندو آهي تہ صاحب جي سگهہ بابت بہ ٻڌايو آهي. سُر بلاول وري سخا ۽ ديا جو سُر آهي، جنهن ۾ جکري جهڙي جوان جون ڳالهيون ۽ گُڻَ سمايل آهن. سُر سارنگ ۾ ٿر جي خوشحالي ۽ ميگهہ ملهار جا منظر آهن، بادلن جي گجگوڙ ۽ کنوڻين جا ڪجڪاٽ آهن، پرين جون سارون ۽ سنيارون آهن، اُتي اوڏڙي ٿيڻ جون آسون ۽ اميدون آهن ۽ سُر ڪارائڙي ۾ هنج جي علامت ۾ وڏو سنيهو سمايل آهي. ان طرح ميين شاهہ عنات رضويءَ جو سمورو ڪلام بامقصد ۽ اعليٰ فڪر سان ڀرپور آهي، جنهن ۾ معنوي، موضوعي ۽ فڪري رنگيني ۽ گوناگوني نظر اچي ٿي.

شاهہ عنات، سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو اهڙو موتي آهي، جنهن پنهنجي رسالي جي ’سُر توڏي‘، ’سُر مارئي‘، ’سُر ديسي‘، ’سُر سريراڳ‘ ۽ ٻين سُرن ۾ عورت جي اندروني احساسن ۽ اڌمن جي نهايت خوبصورت تصوير ڪشي ڪئي آهي. اهي سُرَ پڙهندي لڳي ٿو تہ ڪٿي عشق جي آڳ ٿي پڙڪي، ڪٿي ساڻيهہ جي سِڪ ٿي ماري ۽ عورت مزاحمت جو رستو ٿي اختيار ڪري، ڪٿي عورت پنهنجي حق جي حصول لاءِ بي خوفيءَ سان جستجو جو رستو ٿي چوندي تہ ڪٿي وري پنهنجي وَرَ لاءِ انتظار ۽ اوسيئڙي جا ڏينهن ۽ راتيون ڪاٽيندي پنهنجي اندر جي فطري ۽ جنسي جذبن تي ضبط ٿي ڪري. انهن ۽ اهڙن ٻين سُرن ۾ اسان کي فڪر جون نيون ڏارائون ۽ نڪور

موضوع ملن ٿا. دنيا جي ادب ۾ عورتازاد ادب يا Feminist Literature جو Termاسان پنهنجي ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام ڪي سامهون رکي ڏسون ٿا ته ڪلھ جي ڳالھ ٿي لڳي. شاھ عنات جهڙي شاعر جڏهن صديون اڳي سهڻي، مارئي، سسئي ۽ وڻجاري جي ونيءَ جي جذبن، اڌمن، احساسن ۽ جرئتن کي پنهنجي ڪلام ۾ اپاريو. تڏهن دنيا ۾ Feminist Literature جو ڪوئي وجود ڪونہ هو. اهو هڪ نئون احساس ۽ فڪر هو، بلڪ ان ڪان اڳتي اهو چوڻ ۾ بہ ڪو وڌاءُ ناهي تہ اها هڪ تحريڪ هئي، جنهن کي شاھ عنات ڪان پوءِ، شاھ لطيف ڀرپور نموني اڳتي وڌايو ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن توڙي سنڌ جي جديد شاعرن بہ ان فڪر کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اوتيو.

ميين شاھ عنات رضوي ’سسئي پنهونءَ‘ جي رومانوي قصي جي پس منظر ۾ پنجن داستانن تي مشتمل ’سُر ديسي‘ لکيو آهي. شاھ لطيف کي ان قصي ايترو متاثر ڪيو، جو هن پورا پنج سُر، ’سسئيءَ‘ تي چيا. سسئي سنڌي سماج جو هڪ اڏول ڪردار آهي، هوءَ هڪ غير معمولي عورت آهي، جيڪا پنهنجي ورَ جي تلاش ۾ رڻ لتاڙي، جبل جهاڳي، پير پٿون ڪري، سهسين سور سهي ۽ تڪليفون ڪاٽي ان منزل ۽ ماڳ جي جستجو ڪري ٿي، جتي سندس پنهل کي نيو ويو هو. سنڌ جي سڄي تاريخ ۾ اهڙي ڪا ٻي عورت نظر نہ ايندي ۽ دنيا جي تاريخ ۾ بہ اهڙا ڪردار شايد ڳوليا نہ لڀندا. ميين شاھ عنات جدوجهد جي فڪر کي اهميت ڏيندي، سسئيءَ جهڙي حوصلہ مند عورت کي پنهنجي سورمي بڻايو ۽ هن لاءِ دعا بہ ڪئي تہ:

ڪرڙا ڏونگر ڪيچ جا، جت سُجِن نَرَ نيلا
اَچن اُت عِناتُ چئي، هيڪَليَ جِيُلا
جن جا وَر نہ وَسيلا، تن ٻاتاڙِن ٻيلي ٿئين.
(سُرود ديسي، فصل ٢، بيت ٥، ص: ٢۴٨ ب)

سسئيءَ جو اڏول ۽ اتاهن ڏونگرن ۽ لڪين سان واسطو هو، پر ساجن جي سِڪ ۾ هوءَ اُهي سڀ پارِ ڪندي ٿي وئي، هوءَ نہ وڻڪار ڪان واقف هئي، نہ ئي ڪيچ ڪان، پر پنهونءَ جي پير جي تلاش ۾ هن رڙهڻ کي راحت پئي ڀانئيو. ان ڪري هن تتيءَ ۽ ڪوسيءَ جي بہ ڪا پرواھ نہ ڪئي. شاھ عنات پنهنجي هن بيت ۾ بہ ڪيس ڪجھ اهڙي ئي صلاح ڏئي ٿو تہ:





تتَيَ ڪوسيَ ڪاهِ، ڪانهي وِڇلَ وَهڻ جِي
اُٿ سسئي! ٻَڌُ سندرو، تنهنجو پنڌ پرانهون آھ
عشق آريَ ڄامَ جو، چقمق جيئن چهٽاءِ
اکين مان، عِناتُ چئي، پاڻي پنبڻين واھ
ڪانهي اُنِ اونداهِ، جن ڏٺو پير پنهونءَ جو.
(سُرود ديسي، فصل ۴، بيت ١٠، ص: ٢٦٥ ب)

اهو جستجو جو جذبو ۽ جولان جيڪو سسئي وٽ نظر اچي ٿو ۽ جنهن کي شاھ عنات پنهنجي رسالي جي ’سُر ديسيءَ‘ ۾ بيان ڪيو آهي، اصل ۾ اسان کي اجتماعي قومي جذبي لاءِ بہ اتساهي ٿو ۽ نين راهن جي تلاش لاءِ رستي جي تڪليفن کي نظر انداز ڪرڻ جو حوصلو بہ ڏئي ٿو. اهو فڪر ئي اڄ جي دنيا لاءِ بہ رهنما آهي، اڄ بہ منزل جي حصول لاءِ جستجو، جاکوڙڻ ۽ پسپائيءَ ڪان پري رهڻ جي ضروت آهي:

سدا سورَ نہ هون، گوندر وڃن گذرئو،
اوکي جا ’عنات‘ چئي، پهر ٿورائي پون،
چڱا ايهيين چون، تہ دَرُ نہ مٿجي دوس جو.
(سُر ديسي، داستان ٥، بيت ١٥، ص: ١۵٠، ض)

شاھ عنات ۽ شاھ لطيف جي ملاقاتن جي سلسلي ۾ هڪ عام روايت اها بہ آهي تہ ميين عنات، ٻٽائي صاحب کي سُر مارئي چوڻ جي تلقين ڪئي هئي ۽ شاھ لطيف وري کيس سُر سسئي چوڻ لاءِ عرض ڪيو هو، پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان روايت جي ترديد ڪندي لکيو آهي تہ: ”ميين شاھ عنات جو مهراڻي ۽ ٿر سان گهڻو واسطو هو ۽ انهيءَ ڪري جڏهن مارئيءَ بابت بيت چيائين تہ مارن جي رهڻي ڪهڻي توڙي ٿر جي ماڳن ۽ تڙن، گاهن ۽ ڏٿن جو تفصيل سان دلڪش پيرائي ۾ نقش چٽيائين. جڏهن نوجوان لطيف جي ميين شاھ عنات وٽ اچ وڃ ٿي تہ هو انهن بيتن ڪان نهايت متاثر ٿيو. اهو مذڪور غالباً خود ڀٽائي صاحب جي مجلسن ۾ هليو، ۽ ڪانئس پوءِ جڏهن ان بابت ڳالهيون هليون تہ ڪن اڻڄاڻن ڄاتو تہ ان ۾ ڀٽائي صاحب جي گهٽتائي ٿي ٿئي، البتہ ان حقيقت جي انڪار ڪرڻ بدران ائين چوڻ شروع ڪيائون تہ ميين شاھ عنات ڀٽائي صاحب کي مارئيءَ طرف متوجہ ڪيو تہ ڀٽائي صاحب وري ميين شاھ عنات کي سسئي

جي وات ڏسي."(۱۵)

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته شاهه عنات جو سُر مارئي مٽيءَ سان محبت ۽ وطن دوستيءَ جي فڪر سان ڀرپور سُر آهي، جنهن ۾ هن مارئي کي هڪ مثالي ڪردار طور پيش ڪيو آهي ۽ حب الوطني جي اعليٰ سماجي قدر ۽ فڪر کي ڀرپور نموني اپاريو آهي. مارئيءَ جو روح پنهنجي مارن لاءِ سڪي ٿو ۽ هوءَ آخري پل تائين پنهنجي لوئي ۽ لڄ جي حفاظت لاءِ پتوڙيندي رهي ٿي. شاهه عنات جو هيٺيون بيت سُر مارئيءَ جو هڪ اهڙو بيت آهي، جنهن ۾ مارئيءَ جي پنهنجي مارن لاءِ سڪ ۽ اڪير کي پليءَ پت محسوس ڪري سگهجي ٿو:

مهنجون ماروئڙن سان، هَڏَ هي روح رَڳُون،
اُني ري، عِناتُ چئي، جدا ڪينَ جِئان
پَلُرُ شال پِئانُ، وِڃي ويڙيچن سين.
(سرود مارئي، فصل ۲، بيت ۵، ص: ۱۴۲ ب)

مارئيءَ جو پنهنجي ماروئڙن سان روح ۽ رڳن جو رشتو هو، جن کان سواءِ هن جيئڻ جو تصور ئي نه پئي ڪيو. هن جي اُڃ وطن جي پوتر پاڻيءَ سان اجهڻي هئي، تنهن ڪري هن کي هر وقت انهيءَ پَلُرَ جي پياس هئي. اهو وطن دوستيءَ جو فڪر شاهه عنات سُر مارئيءَ ۾ ڀرپور نموني اجاگر ڪيو آهي:

مارُو مائٽَ مُهنجا، سومرا! سيئي
وِهَندي ڪِينَ وَس لڳي، جا اُن پَناڙي پيئي
سَتين کي، سيد چئي، اُماڙِج نپئي
وٺان جن ويئي، تَن گڏڙي گامويُن کي.
(سرود مارئي، فصل ۲، بيت ۷، ص: ۱۴۲ ب)

تڏو واءُ ترن جو، مُنهن سامهون ماءِ!
سُپيريان جي ساءِ، وَهند وَسندي ڀانئيان.
(سُر مارئي، داستان ۳، بيت ۱۰، ص: ۶۰ ض)

مارئي سنڌ جو هڪ اهڙو داستان آهي، جنهن مان ديس جي مٽيءَ جي مهڪ محسوس ٿئي ٿي. هي سُر وطن سان اُٽُ عشق سان مالا مال آهي. هڪ پاسي وقت جو





حاڪم عمر سومرو آهي ته ٻئي پاسي بظاهر هڪ ڪمزور عورت مارئي. پر مارئي عمر جي ڪوٽ ۾ قيد ٿيڻ باوجود پنهنجي ست ۽ لڄ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، هوءَ ڪمزور ته آهي، پر سندس حوصلا بلند آهن. مارئي رڳو سنڌ جي تاريخ جي ئي نه پر انساني تاريخ جي انهن ڪردارن مان هڪ آهي، جن ظلم جي ريت کان انڪار ڪيو ۽ ڪمزور هجڻ باوجود مزاحمت جو رستو اختيار ڪيو. مارئي پنهنجي وطن ۽ ماڻهن سان ايتري ته ڪميٽيڊ ۽ جُڙيل هئي، جو ان داستان کي دهرائيندي ڏسون ٿا ته هوءَ هڪ پل لاءِ به ان کان غافل نظر نه ٿي اچي. هوءَ سدائين ملير ۽ مارن کي پئي چيتاري ۽ عمر جي هر آڇ کي ٺڏيندي ٿي رهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته مارئي سنڌي سماج جو هڪ غير معمولي ڪردار آهي، جنهن وسيلي ميين شاهه عنات هڪ پاسي پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ مزاحمت واري فڪر جي پرچار ڪئي آهي ته ٻئي پاسي مٽيءَ سان ازلي محبت واري رشتي کي اهميت ڏيندي ۽ پنهنجن ماڻهن سان جُڙندي وطن دوستيءَ جي عظيم فڪر کي ڦهلايو آهي:

اڪيون اباڻن ڏي، وِلهيون وِهاميون راتِ،
سُتيون ڪين سيد چئي، وائي ويڙهيچن واتِ،
سومرا ساعات، سَهان ڪين سنگهارن ري.
(سر مارئي، داستان ۱، بيت ۱۹، ص: ۴۹ ض)

ڪريان عرض الله کي، پرهه پاند ڪٽي،
مارو منهنجي ملير جا، مون کي ميڙ ڏٽي،
آهيم آسَ گهٽي، تن وانگين ۽ ولهارن جي.
(سرود مارئي، داستان ۱، بيت ۲۰، ص: ۴۹ ض)

سنگهارن جي سنيارَ، سدا اٿم سومرا،
اڪيون اباڻن لئي، وسن ويرو تار،
پنهوارن پچار، راتو ڏينهان روح ۾.
(سُر مارئي، داستان ۱، بيت ۲۱، ص: ۴۹ ض)

مارئيءَ کي رڳو پنهنجن مارن ۽ سنگهارن جي سار آهي، هن جي وات تي ويڙهيچن جي وائي آهي ۽ هوءَ ڪين هڪ پلُ به نه ٿي وساري. هوءَ پرهه ڦٽيءَ ويل پاند

جهلي ملير جا مارو ميڙڻ لاءِ مولا کي عرض ٿي ڪري، ڇوته وانگين ۽ ولهارن جي سڪ ڪيس ستائيندي ٿي رهي، ڪين سارينديءَ هن جا نيڻ ٽمندا ٿا رهن ۽ رات ڏينهن سندس روح ۾ پنهوارن جي پچار آهي. پنهنجي وطن ۽ ڪکن، پنهنجن مارن ۽ سانگين سان سڪ ۽ محبت جو اهڙو رشتو يقيني طور اَملهه ۽ بي مثال آهي. مارئيءَ جو پنهنجي ڌرتيءَ سان جُڙيل اهو سڪ جو سڳو ايترو ته مضبوط آهي، جو جڏهن عمر سان مخاطب ٿئي ٿي ته به چوي ٿي ته:

عمر اڪڙيون، سڪن ٿيون ساٿيهه کي.
(سُر مارئي، داستان ا، بيت ٢٨، ص: ۵١ ض)

ڳالهه اتي ختم نه ٿي ٿئي. مارئيءَ جو پنهنجي وطن ۽ ماروئڙن سان اهڙو ته اڻٽ رشتو آهي، جو هوءَ عمر جي بچڙي بندي خاني ۾ سومري حاڪم کي وڏي واڪي چوي ٿي ته تون پل منهنجو ڪنڌ ڪوري ڇڏ، پر منهنجو پنهنجن ماروئڙن سان تعلق ٽٽي نه ٿو سگهي. اها بي ڊپائي ۽ للڪار مارئيءَ جو تعارف آهي. اها بي باڪي، مزاحمت ۽ ظلم جي سنگينن اڳيان سينو تاڻي بيهڻ جي جرئت ڪو مارئيءَ کان سکي!

بندي خانو بچڙو، گهوريو عمر بند،
سڄُ چوان ٿي سومرا، توڙي لاهين ڪَنڌُ،
اصل آسا بند، منهنجو ماروئڙن سين.
(سر مارئي، داستان ا، بيت ٣٢، ص: ۵١ ض)

مارئيءَ کي هر وقت پنهنجن سانگين جي سار ۽ ڳڻتي آهي، هوءَ اگر گهبرائي ٿي ته انهيءَ ڳالهه کان ته ڪٿي وقت جو حاڪم عمر منهنجي ڪري منهنجن جهانگين سان نه جهيڙي. سچ ته هن کي قيد بند جون تڪليفون تڇ ٿيون لڳن ۽ عمر کي اگر التجا به ڪري ٿي ته پنهنجن ماروئڙن لاءِ:

تن جهانگين ساڻ مَ جهيڙ، جن جا ٿاڪَ ٿرن ۾.
(سُر مارئي، داستان ٢، بيت ٦، ص: ۵۴ ض)

سُر مارئيءَ ۾ ميين شاهه عنات سڄا سارا ٽي داستان / فصل لکيا آهن، جنهن ۾ ٨٧ بيت ۽ ٽي وايون شامل آهن، اهو سمورو ڪلام انساني آزاديءَ جي بنيادي حق، ظالم قوتن کي للڪار، مزاحمت ۽ حب الوطنيءَ جي عظيم فڪر سان سرشار آهي.





ميين عنات پنهنجي رسالي ۾ 'سُر توڏي' سهڻي ميهار جي رومانوي داستان تي لکيو آهي، هن سُر ۾ شاهه عنات عورت جي پسند واري حق کي هٿي ڏيندي سهڻيءَ جي عشق کي اپاريو آهي، جيڪا اڌ رات جو درياهه پار ڪري ميهار سان ملڻ لاءِ ويندي هئي. هي هڪ بولڊ عورت جو داستان آهي، جنهن ۾ بظاهر سهڻيءَ جو ڪردار منفي نظر ايندو، ڇو ته هوءَ هڪ پرڻيل عورت هئي ۽ اڌ رات جو گهڙي تي درياهه پار ڪري هڪ غير مرد سان ملندي هئي. اسان جي اڄوڪي سماجي نظام، ريتن روايتن ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ذهني لاڙن مطابق اهو سڌو سنئون ڪارو ڪاريءَ جو معاملو آهي، پر شاهه عنات ان داستان کي اهميت ڏئي حقيقت ۾ پاڻ کي هڪ روشن خيال شاعر ثابت ڪيو آهي. اصل ۾ ان داستان کي اهميت ڏيڻ سان ان فڪر کي هٿي ملي ٿي، جنهن مطابق ڪنهن به عورت کي پنهنجي پسند جو حق ۽ اختيار هجڻ کپي، ان کي زوري ۽ زبردستيءَ ڪنهن جي پاند ۾ ٻڌي ڇڏڻ ظلم آهي ۽ ان ظلم کان بغاوت ڪرڻ سندس حق آهي. سهڻي پنهنجي انهيءَ حق کي سمجهندي پنهنجي مَنَ جو آواز ٻڌو ۽ هن جي دل ۾ ميهارَ کان سواءِ ٻيو ڪو به نه هو، تنهن ڪري هوءَ جڏهن مٽي متي مهراڻ ۾ تيز تکين لهرن جي وچ ۾ ۽ خطرناڪ ڪُنن جي آس پاس کان ٿيندي، پنهنجي اندر ۾ ميهار جي سڪ سانڍي ساٿس ملڻ لاءِ وئي ته ڪيس ڪو به خوف محسوس نه ٿيو:

گِهڙي اُنهيءَ گهيڙَ تان، جتي لهر لالائي،
ڪنبي ڪين ڪُنن پِر، توڙي گهيڙن گهرائي،
هُيس سڪَ سيد چئي، جنهن لُڙئون لنگهائي،
مولي ملائي، محبتي ميهار کي.
(سر توڏي، داستان ا، بيت ٦، ص: ١۶٢ ض)

ميين شاهه عنات رضويءَ جون ست ئي سورميون انفرادي طور پنهنجو مٽ پاڻ آهن، پر هن جي ڪلام ۾ هڪڙيون اجتماعي سورميون پڻ نظر اچن ٿيون، اهڙين سورمين ۾ سُت ڪتيندڙ ڪاپائتيون ۽ وڻجارن جون ونيون شامل آهن. اهي سمورا عورتاڻا ڪردار شاهه عنات بعد شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ لاءِ چونڊيا ۽ انهن کي معراج بخشيو.

وڻجاري جي وني جڏهن ساموندي سفر تي ويل پنهنجي ور کي ساري انتظار جي سوريءَ تي ٽنگبي آهي تہ سندس من جون ڪيفيتون ئي عجيب ٿي وينديون آهن، هن جي دل ۾ ڪيئي خدشا ۽ وسوسا اچي ويهندا آهن، ملڻ جي موسم ۾ هن کي اوسيئڙي جون گهڙيون ڏکيون لڳنديون آهن. هوءَ ساحل تي اچي ڏٽيءَ ڪان دعا گهرندي آهي ۽ جڏهن ڪيس ستت ئي سڻائي خبر ملندي آهي تہ ڪيس وصل جو ويساهہ حاصل ٿي ويندو آهي. هوءَ پنهنجي وَرَ کي پنهنجي من جو بادشاهہ ڄاڻندي آهي:

اُلِٽي سڄَ آئِي، دُعا مَڱَڻَ درياءَ ٽِي،
جَرَ تَڙِ ڏِئا ٻوهِيان، اَچن اِلاهي!
خَبَرَ ڪِيانتَنِ جي، پَيِيَسِ سَيائِي
وِيساهَہ واڌائِي، پلئہ پاتَسِ پاتِشاهہ.
(سرود سريراڳ، فصل ٢، بيت ٢، ص:١١٩ ب)

مبين شاهہ عنات جي شاعريءَ ۾ جدوجهد. سجاڳيءَ ۽ سچ جو سنيهو موجود آهي. هو ان فڪر جو پرچارڪ آهي، جنهن موجب هن ڌرتيءَ جا سڀ انسان برابر آهن ۽ ڪوبہ ننڍو ۽ وڏو ناهي. اهو ئي سماجي فڪر هو، جنهن کي صوفي شاهہ عنايت شهيد ’جو ڪيڙي سو کائي‘ واري نعري سان اڳتي وڌائي عملي جدوجهد ڪئي ۽ شهادت ماڻي هئي. مبين شاه عنات جي ڪلام ۾ طبقاتي سماج ۾ برابريءَ جو پيغام، سماج جي ورسيل طبقي جي هيڻن سان همدرديءَ جا ڪيئي مثال ملن ٿا. هن پنهنجي رسالي ۾ ڄام تماچي، سپڙ ڄام ۽ ڄام جکري جهڙن ڪردارن وسيلي ان روشن خياليءَ واري فڪر جو ڦهلاءُ ڪيو آهي. اهڙي انسان دوست سماجي فڪر کي عام ڪرڻ ۽ حاڪم ۽ محڪوم کي برابر ٻيهاري سماج مان طبقاتي تضاد کي ختم ڪرڻ واري خيال کي هٿي وٺرائڻ لاءِ شاهہ عنات رضوي ۽ ڪانئس پوءِ شاهہ لطيف جهڙي شاعر اهم ڪردار ادا ڪيو. مبين شاهہ عنات جي شاعريءَ ۾ سماج جا ڪيئي انوکا ڪردار ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي آئيڊيل جي حيثيت رکن ٿا. هن جي شعرن ۾ هڪ طرف ابوجهہ ۽ اگلڙا آهن تہ ٻئي پاسي سخي ۽ ڏاتار:

هِن سَرَ آئِي ڪو، آبَ اُجيو ئي نہ رهي
راءَ وٽ رهِي جو، تنهن کي جُکي جانڪيتان نہ ٿئي.
(سرود پرڀات، فصل ٢، بيت ٦، ص: ١٦٥ ب)





”مٿين بيت ۾ ان سخي ۽ ڏاتار جو ذڪر آهي، جيڪو رڳو ڏيڻ ڄاڻي ٿو، جنهن جي در تان ڪو خالي نہ ويو آهي، جنهن وٽ لوڪ جي ڏک ۽ درد جو دارون آهي. اهڙا ڪردار يقيني طور تي سماج جا آئيڊيل ڪردار هوندا آهن. جڏهن ماڻهو معاشي تنگي ۽ بدحالي سبب عجيب جوکم جو شڪار بڻجي سماج ۾ ڌڪار جي لائق ٿي ويندو آهي تہ ڪيس ڪنهن اهڙي سهاري جي ضرورت پوندي آهي جيڪو سندس درد جو دافع ٿئي ۽ من جي مونجهہ ختم ڪري. اهڙي حالت ۾ منجهيل ماڻهوءَ جي مدد ڪندڙ سخي مرد ڪنهن شفاف تلاءَ وانگر لڳندو آهي، جتي ڪيترائي اُڃا پنهنجي اُڃ اُجهائيندا آهن.“(١٦)

مڱڻا! مڱج ڄامَ کي، صُبح جو ساڙي
ٻِي سپيئِي پُر ٿئا، جي اچِن ان جي اوتاڙي
سيد چئي، سوالين کي، ڪِليو ڪِيڪاڙي
ويپون ٿو واڙي، چوٿاڻي چِتِ ڪِئو.
(سُرود پرڀات، فصل ٢، بيت ٥، ص:١٦٥ ب)

سماج ۾ چڱا ۽ مَٺا ڪردار گڏ گڏ هوندا آهن. جتي سنڌ جي حاڪم عمر جيان ٿر جي مارئيءَ کي ڪوٽن ۾ قيد ڪندڙ حڪمران بہ نظر ايندا، تہ جکري جهڙا انسان دوست ۽ سخي مرد پڻ. مختصر اهو تہ معاشري ۾ هڪڙا ماڻهو ڏيندا آهن، تہ ٻيا وري ڏڪائيندا آهن. شاهہ عنات جي هيٺين بيت ۾ سماج جي هڪ اهڙي ڳٽائتي انسان جو ذڪر آهي، جيڪو ٻين جي خطائن کي درگذر ڪري ٿو.

اسين اُهي ئي، جي ڌريان آنهنجا ڌاريا،
اَوڳڻ ڪري، عنات چئي، آيا سون پيهي،
سڄڻ سيئي، اوڳڻ متائي ڳڻ ڪرين.
(سرود ڌناسري، فصل ٢، بيت ١٩، ص ١٨١ ب)

”مٿين بيت کي ڪو روحاني رمزون سمجهائيندڙ پلي خدا ۽ بندي جي رشتي سان جوڙي، پر حقيقت ۾ شاهہ عنات ان بيت ۾ انسان کي انسان جي سامهون ٻيهاريو آهي. هي سماج ئي آهي جيڪو انسان کي سُنو ۽ برو بڻائي ٿو، اهو معاشرو ئي آهي جتي ماڻهو هڪ ٻئي جو ڏوهي ٿئي ٿو ۽ پنهنجن جي دل ڏکائي ٿو. اهي ماڻهو عظيم

هوندا آهن جيڪي پنهنجن جي خطائن کي در گذر ڪندا آهن. مٿين بيت ۾ شاهه عنات ماڻهو جي احساس جرم جي اعتراف واري ڪيفيت کي بيان ڪيو آهي ۽ سماج جي ان فرد مان چڱائي جي توقع رکي آهي، جيڪو بااختيار آهي ۽ اوڳڻ مٿائي ڳڻ ڪري سگهي ٿو."(١٤) اهو انسان دوستيءَ وارو فڪر ميين شاهه عنات جي ڪلام ۾ جا بجا نظر اچي ٿو.

شاهه عنات کان اڳ سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن مان قاضي قادن ۽ شاهه لطف الله قادريءَ پنهنجي ڪلام ۾ جوڳين، سنياسين، ڪاپڙين ۽ پوربين جو ذڪر آندو آهي. جوڳي هڪ سمبل آهي، جدوجهد، جاڳ ۽ جستجو جو، هن جي هميشه منزل تي نظر رهندي آهي ۽ رستي جي جوکم کي ليکي ۾ نه آڻيندو آهي. شاهه عنات خاص طور 'سُر رامڪلي' ۽ 'سُر پورب' ۾ جوڳين، آديسين ۽ سنياسين جو خوب ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن ڪردارن وسيلي سماج ۾ سهپ، رواداري ۽ انسان دوستيءَ جي فڪر کي عام ڪيو آهي. اهي گودڙي پوش آديسي ڳٽاٽتا انسان آهن، جن ۾ اڪيچار خوبيون موجود آهن. هنن جي دلِ ڪيني، ڪدورت ۽ حسد کان پاڪ هوندي آهي:

من ۾ ماريائون، ڪينو ڪدي ڪاپڙين.

(سُر رامڪلي، داستان ١، بيت ١٨، ص: ٣٨ ض)

هنن وٽ هَٺُ، وڏائي، غرور، تڪبر، پاڻ پٽو ۽ آپو نه هوندو آهي:

ويراڳين ويو، هٺڻُ هَٺُ، هنئين مان.

(سُر رامڪلي، داستان ٣، بيت ١ ص: ٤١ ض)

هُنن جي مَنَ ۾ لوڀ ۽ لالچ نه هوندي آهي ۽ جتي عام ماڻهو وجڻ ۾ عيب پائيندا آهن، هو اُتي وجڻ ۾ به عارُ محسوس نه ڪندا آهن. هنن جو پنڌ نرالو ۽ سندن اڳيان هڪ عظيم مقصد هوندو آهي:

طمع جِي تمامُ، مورُ نه اُتنِ مَن ۾
پنَنَ ڪِينَ پَتَ ڪَٽي، گودڙيارا گامُ
جِتان لوڪَ لَجَ ٿئي، اُتِ آديسين آرامُ
راوَلَ گهُري رامُ، ڪونرَنِ جِينُءَ ڪڪورئا.

(سُرود رامڪلي، فصل ١، بيت ٩، ص:١٢٨ ب)





ميين شاهه عنات، جوڳيءَ کي سدا متحرڪ ۽ سجاڳ انسان طور پيش ڪيو آهي، اُهي اوجاڳي جا هيراڪ آهن، جن لاءِ سمهڻ سورُ آهي، جوڳي اهو آهي، جنهن کي پرينءَ جي پورَ ويراڳي بڻايو آهي:

اوجاڳي کي آڪرا، اوءِ سُمهڻ پانئين سُور
اِيَ پَرِ آڍِسيِنِ جي، گهر ڏانهُ ڪن نه گهورَ
ڪَنهن پِريان جِي پورَ، اوءِ وَڍِي ويراڳ ڪئا.

(سُرود رامڪلي، فصل ٢، بيت ٨، ص:١٣٣)

اصل ۾ جوڳي سماج جا تبديلي پسند ڪردار آهن ۽ موجوده دور ۾ به اهڙن ڪردارن جي گهرج آهي، اُهي باڪردار ۽ روشن خيال انسان آهن، سندن فڪر ۾ تازگي آهي، سندن انسان دوست رويا ۽ عمل ايڪويهين صديءَ جي ماڻهوءَ کي به اُتساهيندڙ آهن. اهي جوڳي، جن جو شاهه عنات ذڪر ڪيو آهي، سي غفلت جي غارن ۾ گم رهڻ بدران بيدار رهن ٿا، هنن وٽ، ادب، اخلاق، صبر ۽ شڪر جهڙا گُڻ به موجود آهن ۽ اُهي ڏمر ۽ ڏک کان ڏڪندا ناهن، يعني هو هر تڪليف کي ڳلي لائڻ لاءِ تيار هوندا آهن. اِهي اُهي خوبيون آهن، جيڪي ماڻهوءَ کي ماڻهو بڻائين ٿيون ۽ اڄ جي دور جي انسان لاءِ به رهنما آهن:

جي پائين جوڳي ٿئان، ته پَرَ جوڳِيڪِي پارِ،
اَدب، اخلاص، صبر، شڪرانو، ڏَمر ڏُک وِسار.

(سُرود رامڪلي، فصل ٢، بيت ٥، ص:١٣٠ ب)

اُنهن سناسين ۽ ويراڳين جي بيچين وجود کي پيتڪڻ ۾ ئي لطف ايندو آهي، اُهي تتل سج جي هيئان واڪا ڪندي ۽ ڏکين ڏونگرن جو پنڌ ڪندي، سفر جي سختين کي ڳلي لڳائي ۽ پير پٿون ڪندي پورب پار پُرندا رهندا آهن:

ويراڳي ويراڳ تي، واڪا ڪيو وَرَنِ،
ڏينهن تتي ڏونگر ۾، اُيرٽا اچن،
اُني جا 'عناتُ' چئي، چپون پيرَ چنن،
سگر سناسين، آهي پورب پارَ جو.

(سُرود رامڪلي، داستان ٣، بيت ٨، ص: ٤٢ ض)

شاهہ عنات جي رسالي ۾ ’سُر جيتسري‘ ۽ ’سُر پورب‘ ۾ ساڳيو ئي موضوع مِلي ٿو. انهن ٻنهي سُرن ۾ قاصد ۽ ڪانگ جو تذڪرو بہ آهي، انهيءَ طرح ٻنهي سُرن ۾ محبوب جي سِڪ ۽ سار جو سَگهو بہ سُرندي محسوس ٿئي ٿو. ’سُر جيتسري‘ هڪ ئي داستان تي مشتمل آهي ۽ ان ۾ فقط نوَ بيت ۽ هڪ وائي موجود آهي. جڏهن تہ ’سُر پورب‘ ٽن داستانن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ايڪٽيهہ بيت ۽ ٻہ وايون موجود آهن. منهنجي راءِ مطابق ’سُر جيتسري‘ کي پورب واري ساڳي موضوع وارو سُر هجڻ ڪري پورب جو ئي حصو سمجهڻ کپي. هيٺ ٻنهي سُرن مان هڪ هڪ بيت ڏيان ٿو، جنهن مان اها موضوعي هڪ جهڙائي واضح نظر ايندي:

اڄُ چيائون ايئَن، ٻَلي اَڱڻِ آئيا
اونداهيَ ۾ سوجهرو، تَنُ ڪئائون تِيئَن
آنءُ تِهن ڪانگلِ کيئَن، ويڻ وَرائي آڇِيَان.
(سُرود جيتسري، بيت ٢، ص: ٢٠١ ب)

ڪانگل آندي ڪالهہ، مون وٽ ڳُجهي ڳالهہ،
قاصدَ قريبن جا، جاني جيئن شال،
تون سين ڪيون مون، تڏهن جڏهن هُئين پيائي حال،
سڄڻ جي سنيالَ، جَڏو جيءُ جِياريو.
(سُر پورب، داستان ١، بيت ١٤، ص: ١٠٣ ض)

سُر پورب ۾ سامين ۽ پوربين جا احوال بہ اوريل آهن. خاص طور سامين جون وصفون خوب بيان ٿيل آهن. سامي ٿيڻ لاءِ صبر جي گهرج آهي، اهي هر تڪليف کي ڳلي لڳائي، پنهنجي پنڌ ۾ اڳتي ئي اڳتي وڌندا رهندا آهن، کين سُک ۽ آرام جي طلب نہ هوندي آهي، هو ڪنهن رهنما جي تلاش ۾ هوندا آهن ۽ سندن نظر هميشہ منزل تي هوندي آهي:

سامِي تِئِين تان صَبُورُ ٿُي، جو صبر تہ سامِي
(سُرود پورب، فصل ١، بيت ٦، ص: ٢٠٤ ب)

سامي ٿئين سُک طلبئين، سُکِين نہ سامِي
اڃا اورِين پنڌَ ۾، وِپِين وِسامِي





تون گڏِئين نہ ڪَهنُ گُرَ کي، چاپِين انعامِي
هِي جي مَحَرمَ مُداسِي، سي اَدبُ آديسي سڪئا.
(سرود پورب، فصل ١، بيت ٧، ص: ٢٠٤ ب)

حقيقت اها آهي تہ اهڙي فڪر ۽ عمل جي اڄ بہ ضرورت آهي. سُک جي طلب ماڻهوءَ کي ڪاهل بڻائي ڇڏي ٿي. تحرڪ زندگيءَ جو ٻيو نالو آهي ۽ جيون ۾ ڪا نہ ڪا منزل مقرر ڪري ان جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙڻ ئي زندگيءَ کي معنيٰ ڏئي ٿو. رهزنن جي هجوم مان رهنما جي تلاش بنا، ماڳَ جي حاصلات ڏاڍي ڏُکي ٿئي ٿي. تنهن ڪري زندگيءَ ۾ گائيڊ جي بہ تمام وڏي اهميت آهي. ميين شاهہ عنات جي ’سُر پورب‘ ۾ موجود اهي بيت اسان جي حياتيءَ کي بدلائي سگهن ٿا. انهن ۽ اهڙن ٻين بيتن جي سٽ سٽ ۾ ڏاهپ جا ڏسَ موجود آهن.

شاهہ عنات جي رسالي جو ’سُر آسا‘ جيتوڻيڪ فقط هڪ ئي داستان ۽ ٽيويهن بيتن تي مشتمل آهي، پر ان ۾ موجود بيت موضوعاتي لحاظ کان گهڻ رخا آهن. هڪ طرف الف ۽ ميم وارو فلسفو آهي تہ ٻئي طرف عجز ۽ انڪساريءَ جو پهلو. انهيءَ طرح هن سُر ۾ ڪاتب جي ڪتابت ۽ اکرين جي احسانن جو ذڪر بہ ملندو تہ وصل جو واءُ بہ گُهلندي محسوس ٿيندو. ڪٿي پرت جا پُر پيالا نظر ايندا تہ ڪٿي وري ’همَ کي حق‘ چوڻ جي ڳالهہ. مطلب تہ هن سُر وسيلي ميين عنات ڪوزي ۾ سمند بند ڪيو آهي. محبوب سان وصال جي خوشيءَ جي عالم کي هُن ڪيڏن نہ خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

پرينءَ پاتا پيرَ، مون اڱڻَ ٿئَمِ اُجرا،
سونهَڻ لڳا سيرَ، عجيبن جي اچڻ سان.
(سُر آسا، داستان ١، بيت ٧، ص: ١١٣ ض)

مختصر طور ائين چئجي تہ ميون شاهہ عنات رضوي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو اهڙو اڳواڻ شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ گهرو فڪر ۽ شعور توڙي انيڪ موضوع موجود آهن. جيئن جيئن ميين شاهہ عنات بابت تحقيق جا دروازا کُلندا ۽ سندس ڪلام تي گهڻ رخي روشني پوندي، تيئن تيئن سندس فڪر جو ڦهلاءُ ٿيندو ۽ سندس اهميت اجاگر ٿيندي. سچ اهو آهي تہ هن جو سمورو رسالو ۽ سارا سُر عظيم

فڪر سان مالا مال آهن ۽ سندس گھڻ موضوعي ڪلام گھٽي توجهه ۽ تحقيق جو گھرجائو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي تہ شاهه عنات تي تحقيق جو نئون دور شروع ٿيڻ کپي، ڇو تہ هو جيڏو وڏو ۽ اهم شاعر آهي، سندس ڪلام جي حوالي سان ايڏو گھڻو گھرو ۽ اهم ڪم ٿي نہ سگھيو آهي.

## حوالا


۱. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصحيح)، 'ميين شاهه عنات جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو پهريو ۲۰۱۰ ص: ۲۵.

۲. سميجو اسحاق ڊاڪٽر (مرتب)، 'سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اهم رتن- مِيون شاهه عنات رضوي' حضرت مِيون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، ڇاپو پهريون، آڪٽوبر ۲۰۱۹ع، ص: ۷، ۸ ۽ ۹.

۳. دانش احسان ڊاڪٽر، 'شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي اڀياس' ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومتِ سنڌ، ۲۰۱٦ ص: ۲۰۱.

۴. سميجو اسحاق ڊاڪٽر (مرتب) ، 'سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اهم رتن- مِيون شاهه عنات رضوي' (مقالو: 'سنڌي شاعريءَ جي نين روايتن جو عظيم شاعر ميون شاهه عناتُ رضوي' — ڊاڪٽر محمد علي مانجهي) حضرت مِيون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، ڇاپو پهريون، آڪٽوبر ۲۰۱۹ع، ص: ۲۰۲.

۵. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصحيح) ، 'ميين شاهه عنات جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو پهريو، ۲۰۱۰ع، ص:۳۳۲.

٦. حوالو ساڳيو، ص: ۳۴۸.

۷. حوالو ساڳيو، ص: ۳۵۵.

۸. حوالو ساڳيو، ص: ۳۵٦.

۹. حوالو ساڳيو، ص: ۳۵۸.

۱۰. حوالو ساڳيو، ص: ۵۷.

11. Jotwani Moti lal, `Shah Latif: his life and works`, Dilhi: University of Dilhi, 1975, P. 24

۱۲. سڏايو غلام نبي ڊاڪٽر، 'شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري'، ثقافت ۽ سياحت کاتو،







سنڌ حڪومت، ۱۹۹۲ع، ص: ۱۴۲.

۱۳. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصحيح)، 'ميين شاهه عنات جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو پهريو، ۲۰۱۰ع، ص: ٦٦.

۱۴. سميجو اسحاق ڊاڪٽر (مرتب)، 'سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اهم رتن- مِيون شاهه عنات رضوي' (مقالو: 'ميين شاهه عنات جو ڪلام' - غلام محمد گرامي) حضرت مِيون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، ڇاپو پهريون، آڪٽوبر، ۲۰۱۹ع، ص: ۲۳۰.

۱۵. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح)، 'ميين شاهه عنات جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو پهريو ۲۰۱۰ع، ص: ٦۹.

۱٦. دانش احسان ڊاڪٽر، 'شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي اڀياس'، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومتِ سنڌ، ۲۰۱٦ع، ص: ۲۰۲.

۱۷. حوالو ساڳيو، ص: ۲۰۳ - ۲۰۲.


هن مقالي ۾ ڏنل بيت، هيٺين رسالن تان کنيا ويا آهن.


- شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ۲۰۰۵ع.
- شيخ، ڀانهون خان، 'شاهه جو رسالو'، جلد پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ۲۰۰۰ع.
- بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'ميين شاهه عنات جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ۲۰۱۰ع.
- سيد ضيا عباس شاهه (مرتب)، ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو (مڪمل) حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، ۲۰۱۹ع.


(هر هڪ بيت جي آخر ۾ مرتبن جي نالن جي نشاندهي مخصوص اکرن سان ڪئي وئي آهي. جنهن کي هن طرح مڪمل سمجهڻ کپي. ب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ض: سيد ضيا عباس شاهه، ش: غلام محمد شاهواڻي، ڀ: ڀانهو خان شيخ)